<u>پريس رليزايمنسٽي انٽرنيشنل</u>

**پاڪستان: حڪومت جي سستي سبب سنڌ صوبي ۾ ٻوڏ متاثرين بيمارين ۽ خوراڪ جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن**
***خطرناڪ ٻوڏ سبب هزارين متاثرين سهولتن کان وانجهيل آهن**
*** وڏي ڄمار جا ماڻهون ۽ ٻار موت ۽ بيمارين جي وڌندڙ خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن**

ايمنسٽي انٽرنيشنل چيو آهي ته پاڪستان جي صوبي سنڌ ۾ حڪومتي بي ڌياني سبب هزارين ٻوڏ متاثرين خوراڪ جي کوٽ ۽ وبائي بيمارين کي منهن ڏئي رهيا آهن.

آگسٽ 2024 ۾ ٻوڏ سبب 140000 کان وڌيڪ ماڻهون بي گهر ٿيا ۽ هن وقت ڪيترائي ماڻهون عارضي خيمن ۾ رهڻ تي مجبور آهن. ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود به متاثر ٿيندڙ ڪٽنب پاڪستان ۽ عالمي ادارن پاران مدد نه ملڻ جي ڪري صحت جي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن. ۽ سندن گذرسفر جا ذريعا پڻ ختم ٿي چڪا آهن. ٻوڏ جي بيٺل پاڻي جي ڪري وبائي بيماريون ڦهلجڻ سبب ٻارن، وڏي ڄمار جي ماڻهن ۽ ڳورهارين عورتن کي بيمارين ۽ موت جو وڏو خطرو درپيش آهي.
ٻوڏ متاثر علائقن ۾ خوراڪ، رهائش ۽ صحت جي مناسب سهولتن کي يقيني بڻائڻ ۾ ناڪامي سبب سنڌ حڪومت معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حق ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ثابت ٿي آهي، جيڪي بنيادي انساني حق آهن جيڪي عالمي سطح تي حڪومت پاڪستان جا تسليم ٿيل پڻ آهن.

ماحولياتي تبديلي سبب انساني بنيادي حق متاثر ٿي رهيا آهن. ذميواري زهريلي گيسز جو باعث بڻجندڙن کي گهرجي ته انهن جي خطرناڪ اثرات کي ختم ڪرڻ جي جلد کان جلد ڪوشش ڪن.

ايمنسٽي انٽرنيشنل ڪرائسس ريسپانس پروگرام جي ڊائريڪٽر اسڪاٽ ايوربس جو چوڻ آهي ته ٻوڏن ڪانپوء متاثر ٿيندڙ لکين ماڻهن کي سنڌ سرڪار ۽ عالمي برداري وساري ڇڏيو آهي.

”هنن منجهان ڪيترائي متاثرين اهي آهي جن جيڪي 2022 ۾ آيل مها ٻوڏ ۾ به متاثر ٿي چڪا آهن ۽ پنهنجي زندگي جي بحالي جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. ٻوڏ جي سلسلي ۾ ايندڙ مسلسل تباه ڪاريون عالمي برادري جي سستي ۽ غير سنجديگي جو نتيجو آهن“.

”ماحولياتي تبديلي ڪو امڪاني خطرو نه آهي پر عالمي بي ڌياني ۽ انساني امداد نه پهچڻ سبب انساني زندگين جو ضياع ٿي رهيو آهي. ان کان پهرين جو وڌيڪ انساني جانين جو نقصان ٿئي پاڪستاني سرڪار سميت عالمي برادري کي سختي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو“.

2024 ۾ ايمنسٽي انٽرنيشل سنڌ جي ٻوڏ متاثربدين ۽ دادو ضلعن جو دورو ڪيو ۽ 36 متاثر ماڻهن جو انٽرووير ڪيو. جن ۾ وڏي ڄمار، معذور، ٻار، ڳورهاريون عورتون ۽ ڊاڪٽر شامل آهن.

**”حڪومت اسانکي خيمن کان سواء ٻيو ڪجه به ڏنو“**

متاثر خاندانن جا اڪثر گهر تباه ٿي ويا ۽ ڪيترن کي شديد نقصان پهتو آهي. جنهن جي ڪري ڪيترائي ماڻهون روڊ ڪنارن تي ٻوڏ واري پاڻي جي پرسان خيما کوڙي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. ايمنسٽي انٽرنيشنل کي انٽرويو ڏيندڙ ڪيترن ئي ماڻهن ٻڌايو ته سندن گهرن ۾ هڪ فيملي ميمبر مليريا، چمڙي جي بيمارين، دست ۽ الٽي جهڙين بيمارين جوشڪار آهن. خاص ڪري وڏي عمر جا پوڙها ۽ ٻار جن ۾ بيمارين کي منهن ڏيڻ جي سگهه گهٽ آهي اهي خطرن کي وڌيڪ منهن ڏئي رهيا آهن.
دادو جي رهواسڻ 22 ورهين جي شازيه چانڊيو ٻڌايو ته ٻوڏ اچڻ سبب هن جو 18مهينن جو پٽ موت جو شڪار ٿي ويو. هنن جو گهر ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي ويو جنهن بعد دستن ۽ الٽين سبب هو پنهنجي ڌي ۽ پٽ سميت اسپتال داخل ٿي ويا.

هن جي پٽ کي ڊپ لڳائي وئي پر وڌيڪ علاج جي سگهه نه هجڻ سبب پنهنجي پٽ کي واپس گهر وٺي آيا. هن ايمنسٽي انٽرنيشنل کي وڌيڪ ٻڌايو ته ”هڪ ڏينهن هن کي دست ٿيا ۽ ٻي ڏينهن تي منهنجو پٽ وفات ڪري ويو“.

خالد حسين ايمنسٽي انٽرنيشنل کي ٻڌايو ته هن جو 61 سالن جو والد حاجي جيڪو هاري هئو پنج سال اڳ ٻڌڻ جي سگه کان محروم ٿي ويو. جيڪو ٻوڏ اچڻ کان اڳ اڪيلي سر پنهنجي ٻني تي هارپو ڪندو هو. ان ڪانپوء انهن جو خاندان ٻوڏ اچڻ جي ڪري پنهنجو گهر ڇڏي 25 ڏينهن تائين روڊ ڪناري عارضي خيمي ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ٿيا.

خالد ايمنسٽي انٽرنيشنل کي وڌيڪ ٻڌايو ته ”ٻوڏ اچڻ کان پهريان هي تندرست ۽ صحت مند هو. پر هاڻي هو ڪنهن جي به مدد ڪانسواء ڪاٺڻ کان لاچار آهي. ٻوڏ جو پاڻي پيئڻ سبب 20 ڏينهن تائين هو دستن جو شڪار رهيو ۽ هاڻي سندس ٻڪين ۾ مسئلو پيدا ٿي ويو آهي. حڪومت اسانکي هڪ خيمي ڪانسواء ٻيو ڪجه به ناهي ڏنو“.

حاجي جو خاندان کيس ٻن ڪلاڪن جي پنڌ تي حيدرآباد جي اسپتال ڪٺائي ويا جتي ڊاڪٽرز هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ کان اهو چئي جواب ڏنو ته انهن وٽ گنجائش ناهي. ڊاڪٽر دوا ڏئي گهر روانو ڪري ڇڏيو جڏهن ته صرف ان چيڪ اپ جي لاء اسان کي 15000 هزار روپيا رڳو گاڏي جو ڪرايو ادا ڪرڻو پيو جڏهن ته خالد جي روازني جي آمدني صرف 700 سو روپيا آهي. ان ڪانپوء سندس خاندان وٽ حاجي کي وڌيڪ علاج لاء وٺي اچڻ جي سگه بلڪل نه هئي.

ٻوڏ دوران صفائي جي صورتحال خاص طور تي عورتن لاء تمام خطرناڪ هئي جنکي حاجت لاء ڪيمپ کان تمام پري وڃڻو پئي پيو.

43 ورهين جي عالما ٻڌايو ته نوجوان ڇوڪريون ته اسان جي نگراني ۾ ڏينهن جو به حاجت وغيره لاء وڃي پئي سگهيون پر اسان حياء جي خوف سبب حاجت وغيره لاء سڄو ڏينهن انتظار ڪندا هئاسين ته جيئن رات جي اونداهي ٿئي ۽ اسان حاجت لاء وڃي سگهون.

هن ايمنسٽي انٽرنيشنل کي وڌيڪ ٻڌايو ته ” منهنجي 16 ورهين جي نياڻي کي دست ٿي پيا ۽ الٽيون ڪرڻ لڳي. اسان انکي ٻاهر وڃڻ جي اجازت نه ڏني ۽ اها خيمي جي اندر الٽيون ۽ دست ڪندي رهي“.

ڪيترن ئي ماڻهن ٻڌايو ته انهن کي صحت جي مسئلن کي منهن ڏيڻ جي لاء ڪنهن به سطح تي ڪابه مدد نه ملي. ڪيترن ئي ٻين ماڻهن جو چوڻ هو ته اهي ٻوڏ جي پاڻي کانپوء پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاء محفوظ مقام طرف منتقل ٿيڻ چاهين پيا پر مالي مدد ڪانسواء هو اهو نه ڪري سگهيا.

شازيه چانديو وڏيڪ ٻڌايو ته ”سندس خاندان جي ڪنهن به مدد نه ڪئي، جن وٽ پيسا هئا اهي محفوظ هنڌن تي منتقل ٿي ويا ۽ جن وٽ پيسا نه هئا اهي هتي ئي رهڻ تي مجبور ٿي ويا“.

**”مان پنهنجو گهر هر هر تعمير ڇو ڪيان جڏهن هر سال ٻوڏ اچڻي آهي؟“**

انگ اکرن موجب هن سال ٻوڏ اچڻ ڪري هيستائين سنڌ جي تقريبا پنج لک ايڪڙ زمين تباه ٿي چڪي آهي. تقريبن تمام متاثر خاندان ان تشويش جو شڪار هيا ته سارين، ڪڻڪ، ڪپهه ۽ سرنهن جي پوک جيڪا سندن روزاني گذرسفر جو ذريعو آهي انهن جي تباهي جي ڪري سندن مالي صورتحال ڪافي خراب ٿي چڪي آهي.

ڪيترائي فرد سڄي ڏينهن ۾ صرف هڪ وقت جو ويلو ڪائي گذارو ڪري رهيا آهن. ڪيترن ئي فردن کي دڪانداراوڌر تي سامان ڏيڻ بنا واپس ڪري رهي هيا. امداد وٺڻ لاء امدادي تنظيمن سان رابطي جي سنڌ سرڪار جي خاطرين باوجود ڪافي ماڻهن کي مقامي رضاڪارن يا اين جي اوز کان صرف هڪ وقت جو راشن امداد ۾ مليو.

22 ورهين جو علي حسن سميجوجيڪو ٻن ٻارن جو پئ آهي ان ٻڌايو ته ترائي ويجهو جڏهن سم نالي جو بند ٽٽو ته سندس ڳوٺ ٻڏي ويو ۽ هن جون سڀ قيمتي شيون ۽ سامان ضايع ٿي ويو جن ۾ 25 ڪلوجمع ٿيل اٽو ۽ ٽي پاليل جانور پڻ شامل هئا. فصل پڻ تباه ٿي ويو. زمين به خشڪ نه ٿيندي جنهن جي ڪري هو ايندڙ سال ڪڻڪ جو فصل به نه ڪاهي سگهندو. هن کي خبر ناهي ته هاڻي هي ڪيڙي، ٻج ۽ اوزارن لاء ورتل 150000 قرض پنهنجي زميندار کي ڪيئن واپس ڪندو.

هن وڏيڪ ٻڌايو ته ”اسان کي ڪنهن به قسم جي مالي مدد ناهي ملي. ايتريقدر جو زميندار به چيو ته منهنجي پنهنجي حالت به خراب ٿي چڪي آهي. آء پڻ پنهنجي زمين ۽ سيڙپ وڃائي چڪو آهيان ان لاء ڪا مزدوري ڳوليو. هيئنر اسان لاء تمام ڏاڍو ڏکيو وقت هلي رهيو آهي. ڪڏهن اسان هڪ وقت جو کاڌو کائون ٿا ته ڪڏهن وري اسان کي بلڪل به کاڌو نٿو ملي“.

هن سال مالي ڏکيائي 2022 ۾ سنڌ صوبي ۾ ايندڙ مها ٻوڏ جيان ماڻهن کي جڪڙي رکيو آهي. گذريل ٻوڏ ۾ ويه لک گهر تباه ٿيا هئا. جنهن کان پوء حڪومت متاثر ٿيل گهر ٻيهر تعمير ڪرڻ لاء عالمي ڊونرز جي مدد سان هڪ فنڊ قائم ڪيو هو. هن وقت تائين حڪومت هڪ لک گهرتعميرڪيا آهن جڏهن ته وڌيڪ پنج لک گهر تعمير ٿي رهيا آهن. ايمنسٽي انٽرنيشنل ان سلسلي ۾ ڪجه ماڻهن کان انٽرووئيوز ڪيا جن کي حڪومت گهر ٺاهڻ لاء فنڊز مهيا ڪيا جڏهن ته ڪيترن کي گهر جي تعمير لاء مالي امداد نه ملي سگهي آهي.

41 ورهين جي جميلا نور محمد جيڪا پنجن ٻارن جي ماء آهي ۽ پنهنجي پاء جي گهر ۾ رهي ٿي ان ٻڌايو ته ”منهنجو گهر 2022 ۾ ڊهي ويو ۽ اسان ٻه لک روپيا خرچ ڪري ان کي ٻيهر تعمير ڪرايو. هاڻي

اسان وٽ وڌيڪ پيسا ناهن جو وري گھر ٺهرايون. هاڻي مان ان جي هر هر تعمير چو ڪرايان جڏهن هر سال ٻوڏ وري اچڻي آهي“؟.

ايمنسٽي انٽرنيشنل ڪيترن ئي ٻارن جا پڻ انٽروويوز ورتا جيڪي اگسٽ ۾ آيل ٻوڏ ڪانپوء اسڪول وڃي نه سگھيا. يونيسيف جي رپورٽ مطابق ٻوڏ جي تباه ڪارين جي ڪري ٻه لک ٽيهه هزار ٻارن جي تعليم متاثر ٿي آهي.

**پسمنظر:**
تازو ئي ايمنسٽي انٽرنيشل پنهنجي رپورٽ ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۾ مسلسل ايندڙ ٻوڏ ۽ وڌندڙ گرمين جي ڪري انساني حقن جي بهتري لاء ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. 2025 ۾ ايمنسٽي انٽرنيشنل پاران هڪ اهم رپورٽ جاري ڪئي ويندي ته پاڪستان ۾ ماحولياتي تبديلي ڪمزور طبقي کي ڪيئن متاثر ڪري رهي آهي.

ختم